ڊاڪٽر الطاف حسين جوکيو

# سنڌي ٻوليءَ ۾ ضميري پڇاڙي ’م‘ ۽ ’س‘ جو تنقيدي جائزو


***Abstract:***

**A brief study of varying short vowel on second last consonant due to which the last consonant ‘meem’ (م) and ‘seen’ (س) as Pronoun suffix remain vowel less**

In Sindhi language there are so many endings of pronoun out of which ‘seen’ ( (سand ‘meem’ (( مare of higher significance. According to standard language meem (( مis used as (first person singular) and seen ( (سis used as third person singular; in case of seen ( (اس ((مان is used in a sentence. But it has been noted that both the suffixes are used as first person singular, which creates misperception from nature of language’s perspective. Such confounding is observed even in the work of world renowned scholar Dr. Murlidhar Jetley. Other than this, the context in which these word endings are used, the diacritical marks, instead of the last consonant are used on the second last consonant. In this case the last consonant will remain unstressed.

It is generally supposed that the last consonant of the word of the Sindhi language is stressed with diacritical mark, because this is unanimously accepted in all the dialects of Sindhi language that masculine-feminine, singular-plural and noun as subjective or objective case is based upon last short vowel. Due to this reason the scholastic work has not been done on the unstressed last consonant in Sindhi language. One of the main reasons for this is the negligence of standard or Wicholo Sahiti dialect.

The two dimensional study of this paper is based upon the pronominal suffix seen ( (سand meem ((: م

⇒ The pronoun ending meem (( مas first person singular and seen( (سas third person singular

⇒ ⇒ Due to variation of diacritical mark on second last consonant the last consonant/ pronominal suffix remains unstressed/ vowel less .






## مسئلي جو بيان:

سنڌي ٻوليءَ ۾ ضميري پڇاڙين، ’م‘ ۽ ’س‘ جو استعمال، ڪنهن حد تي، مونجهاري جي ور چڙهيل آهي. ڪن عالمن ان کي لهجاتي فرق جي دائري ۾ رکيو آهي ته ڪن وري ان کي ضمير خالص (متڪلّم ۽ غائب) جي فرق سان ڏٺو آهي.

ان ڏس ۾ مانوارو محقق ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ان نڪتي تي لکيو آهي ته: ”... روزاني ڳالهه ٻولهه ۾ مون گهڻيئي دفعا مَردن جي واتان ٻڌو آهي: ’ويندَم، چوندَم، ڪندَم. اتي درست روپ آهي ويندُس، چوَندُس، ڪندُس.‘ ممڪن آهي ته گهڻين غلطين جو سبب لکاوٽ ۾ لفظن تي اعرابون (زير، زبر، پيش وغيره) نه لڳائڻ آهي.“[۱]

مقصد ته ڊاڪٽر جيٽلي جي راءِ آهي ته: ’چوندَم‘ جي جڳهه تي ’چوندُس‘ ڪم آڻڻ گهرجي. ان راءِ مان ٻه معاملا سامهون اچن ٿا: هڪ: ضميري پڇاڙي ’م‘ جي بدران ’س‘ ڪم آڻجي؛ ٻيو: اڳ آيل وينجن (Second last consonant) جو سُر (vowel) مذڪر ۽ مؤنث جي نسبت ڪم آڻڻ گهرجي.

سنڌي ٻوليءَ جي صرفي توڙي نحوي بناوت ۾ لفظن جي آخري سُر جي وڏي اهميت هوندي آهي. آخري سُرن ۾ به، ٽن قسم جي سُرن (ڊگهن، ڌرن ۽ ڇوٽن) مان خاص طور ڇوٽي سُر جي نفاست ۽ نزاڪت کي نوٽ ڪيو ويو آهي. ڇاڪاڻ ته، ڊگهن سُرن تي صرفي يا نحوي بناوت جو مدار، اردو يا هندستاني ٻولين ۾ به نوٽ ڪيو ويو آهي. ليڪن ڇوٽن سُرن تي صرفي ۽ نحوي بناوت جو مدار، سنڌي ٻوليءَ جي خاص مزاج ۾ شامل آهي. سنڌي ٻوليءَ جي مڙني لهجن موجب اها ڳالهه مسّلَم آهي ته مؤنث - مذڪر، واحد- جمع ۽ اسم جي فاعلي- مفعولي حالت ڇوٽي سُر تي منحصر هوندي آهي.

عام طور اهو تصور ڪيو ويندو آهي ته: ’سنڌي ٻوليءَ جي مڙني لفظن جو آخري وينجن متحرڪ ٿيندو آهي‘؛ جنهن سبب، معياري لهجي موجب ’ماقبل آخر وينجن‘ (Second last consonant) جي ڇوٽي سُر (Short vowel) جي اهميت تي ڪم ٿي ڪونه سگهيو آهي. جنهن صورت ۾ مذڪر- مؤنث جي تبديلي ڇوٽي سُر سان واقع ٿئي ٿي، ان صورت ۾ جيڪڏهن ان بعد ڪو وينجن اچي ٿو، ته اهو ساڪن بيهي ٿو/ بيهندو. يعني ماقبل آخري وينجن تي اعراب جي احتياط سبب، آخري وينجن ساڪن ٿي رهندو آهي. راقم پاران، آخري ڇوٽي سُر تي ٻڌل سنڌي ٻوليءَ جي ’واحد- جمع‘،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

’مذڪر- مؤنث‘ ۽ فاعلي- مفعولي صورت جو تفصيلي صوتياتي اڀياس ۽ ماقبل وينجن تي اعراب سبب آخري وينجن ساڪن جو تصور، لئنگويج اٿارٽي پاران ڇپجندڙ ’سنڌي ٻوليءَ‘ جي جرنل ۾ ڪيو ويو آهي.[۲]

اڪثر ٻولين ۾ ماقبل آخري (Second last) وينجن/ اکر جي سُر آواز کي وياڪرڻ ۾ اهميت هوندي آهي: سنڌي ٻوليءَ ۾ به ماقبل آخري (Second last) سُر آواز کي ڪنهن حد تي اهميت آهي. سنڌي ٻوليءَ جي عالمن جو ان حوالي سان ڪو خاطر خواه ڪم ٿيل ڪونهي، ان جي سببن ۾ وچولي لهجي کي نظر انداز ڪرڻ ۽ لاڙي لهجي جي اثر هيٺ، حيدرآبادي لهجي کي ٻوليءَ جو معياري لهجي جو شرف حاصل آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي لفظن ۾ ماقبل آخري وينجن جي چوٿي سُر جي تبديليءَ کي هيٺين لفظن ۾ نوٽ ڪيو ويو آهي:

مان خط لکندُس/ مان پڙهي سگهندُس. (مذڪر جي صورت ۾)

مان خط لکندَس/ مان پڙهي سگهندَس. (مؤنث جي صورت ۾)

ماقبل آخري (Second last) وينجن واري سُر جي حوالي سان ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي لکي ٿو ته: ”مون کي پنجاه کن سالن جي عمر جا اهڙا سنڌي مرد نظر آيا آهن، جيڪي عام ميڙن ۾ تقرير ڪندي، پنهنجي جنس مؤنث جي فعلن جو استعمال پيا ڪندا آهن: جيئن: ته: مان ويندَس (مان ويندُس)، مان ڪندَسِ (مان ڪندُس). انبُ کاڌَم (انب کاڌُم)، پاٽي پيتَم (پاٽي پيتُم).“[۳]

ڊاڪٽر جيٽلي ساڳئي معاملي لاءِ لکيو آهي: ”اسمن، فعلن ۽ حرف جر سان ضميري پڇاڙين جو استعمال سنڌي ٻوليءَ جي نرالي خاصيت آهي. انهن جو واهپو هاڻي پارت جي سنڌي ٻوليءَ مان گهٽو گهٽجي ويو آهي. ڪن حالتن ۾ ته اِن جو غلط استعمال پڻ ڪيو پيو وڃي. خاص طور ’سندو‘ سان ضميري پڇاڙيءَ جو غلط استعمال مون کي وڏن وڏن ليکڪن جي رچنائن ۾ به نظر آيو آهي. ان جي پوري ڄاڻ اڄ ڪالهه سنڌي پاڙهيندڙ ماسترن کي به نه رهي آهي. ڪجهه مثال ڏسو:

سندَس پٽُ آيو آهي. (درست آهي- سندُس پٽُ آيو آهي).

سندس کي (هُن کي)، سندس جو (هُن جو)، وٽس (هُن وٽ) جهڙا غلط پريوگ ڳالهائڻ ۾ توڙي لکڻ ۾ گهٽي قدر واهپي ۾ اچي ويا آهن.“[۴]





ڊاڪٽر جيٽلي ساڳئي نڪتي تي ٻئي هڪ مقالي ۾ لکيو آهي ته: ” ’سندو‘ جو گردان ايترو ته منجهائيندڙ آهي، جو روزاني گفتگوءَ ۾ خود مادري زبان سنڌيءَ وارا پڻ انهيءَ ۾ غلطيون پيا ڪن. مون کي ته مشهور اديبن جي لکڻين ۾ پڻ انهيءَ جو غلط استعمال نظر آيو آهي، جيئن ته:

سندَسِ: هن جو، جو

سندَسِ وٽ: وٽس

سندس وٽان: وٽانئس

سندس ڪان: ڪانئس

سندس جي ڏيءُ: هن جي ڏيءُ “[۵]

## مسئلي مان اخذ ٿيندڙ سوال:

عام رواجي ٻوليءَ موجب ڊاڪٽر جيٽلي جو چوَڻ آهي ته: ويندَم، چوندَم، ڪندَم جو درست روپ ويندُس، چوندُس، ڪندُس آهي. اتي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ويندَم جو مذڪر ويندُم ٿيندو يا ويندُس؟

ڇا سنڌي ٻوليءَ ۾ ويندُم يا ويندُس لفظن ۾ ڪم آندل ’م‘ يا ’س‘ ضميري پڇاڙيون الڳ ضمير- متڪلّم ۽ غائب- سان ليکيون وينديون يا مختلف لهجي (Dialect) آهر ساڳئي متڪلّم ضمير جون نشانيون آهن؟

سنڌي ٻوليءَ جي نسبت، جنهن صورت ۾ ڪنهن لفظ جي ماقبل آخري وينجن جي سُر تي مذڪر- مؤنث واري چوٿي سُر جو احتياط ڪجي ٿو ته پوءِ آخري وينجن متحرڪ ٿيندو يا ساڪن ٻيهندو؟

## سوالن جي روشنيءَ ۾ اخذ ٿيندڙ ٻن نڪتن جو اصولي اڀياس:

ڊاڪٽر جيٽلي جو ٻوليءَ ۽ ان جي صورتخطيءَ جي معاملي ۾ ڏنل راين تحت هيٺيان ٻه اهم معاملا نکري نروار ٿين ٿا:

ضميري پڇاڙيون: ’م‘ متڪلّم ۽ ’س‘ غائب طور ڪم اچڻ

ماقبل وينجن جي اعراب متاثر سبب آخري وينجن ساڪن ٿيڻ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**ضميري پڇاڙيون: 'م' متڪلّم ۽ 'س' غائب طور ڪم اچڻ:**

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ضمير خالص جي جز: گڏيل/ متّصل ضمير جي عنوان ۾ لکي ٿو ته: "گڏيل/ متّصل ضمير (Bound Pronouns) جو استعمال سنڌي ٻوليءَ جي هڪ اهڙي نرالي خاصيت آهي، جيڪا ڀارت- پاڪ اُپکنڊ جي ٻين گهڻين ٻولين ۾ نظر نه ٿي اچي. ڪشميري ٻولي جيڪا داردڪ ٻولين جي سٽ مان آهي، انهيءَ ۾ فعلن جي پڇاڙين جي صورت ۾ ضميرن کي گڏي استعمال ڪيو وڃي ٿو. ساڳيءَ طرح لهندا (سرائڪي يا ملتاني) ۾ به اسمن ۽ فعلن سان پڇاڙين جي صورت ۾ گڏيل ضمير ڪتب اچن ٿا؛ پر سنڌي ٻوليءَ ۾ انهن جو استعمال وڌيڪ وسيع آهي. سنڌيءَ ۾ گڏيل ضمير فعلن، اسمن ۽ حرف جر جي پڇاڙيءَ جي صورت ۾ گڏي استعمال ڪبا آهن. مثال طور:

| | | |
|---|---|---|
| فعل: | ماريُم | = مون ماريو |
| | مارياٸِينس | = هُن، هُن کي ماريو |
| اسم: | پُٽس | = هُن جو پُٽ |
| | پُٽس کي سڏ ڪر | = هُن جي پُٽ کي سڏ ڪر |
| حرف جر: | ڪيس | = هن کي |
| | ڪين | = هُنن کي |
| | سَندُس | = هُن سندو/ هن جو"[٦] |

ڇاٽايل ڊاڪٽر جيٽلي جي حوالي ۾ 'م' ۽ 'س' ضميري پڇاڙيون ڪم آنديون ويون آهن، جيڪي 'فعل، اسم ۽ حرف جر' ۾ ڪم ايندڙيون آهن/ اچي سگهن ٿيون.

'م' ۽ 'س' ضميري پڇاڙين جي نسبت محبوب علي جوکئي مرحوم پنهنجي ڪتاب 'مهراڻ سنڌي گرامر' ۾ ڇاٽائي ٿو ته: "نوٽ: ضمير خالص جا ٻه قسم بيان ڪيا ويا آهن. اهي ضمير جملي ۾ ڇتا پٽا هوندا آهن ۽ انهن کي تنهن ڪري، ضمير مفصل چئبو آهي؛ پر جيڪڏهن انهن جون نشانيون ڪم آندل هجن، ته پوءِ انهن کي 'ضمير متصل' ڪوٺبو آهي. اهي ضميري نشانيون ڪوٺبيون آهن، جيڪي اسمن ۽ فعلن سان استعمال ٿيندڙيون آهن. مثال:

(اسم): پٽم معنيٰ منهنجو پٽ. 'م' نشاني ضمير 'منهنجو' کي ظاهر ڪري ٿي.





(اسم): پٽس معنيٰ هن جو پٽ، 'س' نشاني 'هن جو' ضمير کي ظاهر ڪري ٿي.

(اسم) پٽهين معنيٰ تنهنجو پٽ، 'هين' نشاني ضمير 'تنهنجو' کي ظاهر ڪري ٿي.

(فعل) هُيم معنيٰ آءٌ هيس، 'م' ضمير آءٌ کي ظاهر ڪري ٿي

(فعل) هئاسون معنيٰ اسين هئاسون، 'سون' نشاني ضمير 'اسان' کي ظاهر ڪري ٿي.

(فعل) هيس معنيٰ آءٌ هوس، 'س' نشاني 'آءٌ' ضمير کي ظاهر ڪري ٿي.

(حرف جر) وٽم معنيٰ مون وٽ، وٽس معنيٰ هن وٽ وغيره."[٧]

ڊاڪٽر جيٽلي ۽ جوکئي مرحوم جي ڇاٽايل مثالن مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته: 'م' پڇاڙي ضمير متڪلم طور ڪم اچي ٿي، جڏهن ته 'س' پڇاڙي ضمير غائب طور ڪم آندي وڃي ٿي.

حقيقت ۾ هن نڪتي تي تفصيلي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي، ليڪن هت صرف چند لفظن ۾ مذڪوره ضميري پڇاڙين جي علمي ڇنڊ ڇاڻ ۽ معيار مقصود آهي. ضميري پڇاڙين 'س ۽ م' جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر ٽرمپ جو هي اشارو وڌيڪ وزن رکي ٿو ته: "اسم ۽ ظرف ۾ لڳندڙ ضميري پڇاڙيون هن ريت آهن:

| واحد | جمع |
|---|---|
| ضمير متڪلّم- م | اُون يا هُون |
| ضمير غائب- س | نِ ۽ نَ " |

[٨]

عام طور اسان جي ٻوليءَ جي لهجن ۾ اهڙين ضميري پڇاڙين جو فرق محسوس ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر ٽرمپ جي اشاري مان واضح طور تي اهو ٿي معلوم ٿيو ته ٻوليءَ جي مزاج پٽاندر ضمير متڪلّم جي صورت ۾ 'م- ضميري پڇاڙي' ۽ ضمير غائب جي صورت ۾ 'س- ضميري پڇاڙيءَ' جو استعمال ڪرڻ گهرجي؛ ٻي صورت ۾ جملي جي مونجهاري واري امڪان کي رد ڪري نه ٿو سگهجي.

ضميري پڇاڙين جي حوالي سان ڊاڪٽر هدايت پريم صاحب جو ڪم بيشڪ ساراهڻ جوڳو آهي، جنهن ٻنهيءَ جي استعمال ۾ فرق ڏيکاريو آهي؛ سندس ٻه- ادائي جملا نوٽ ڪجن ٿا: " 'م' پڇاڙي معياري لهجي ۾ ضمير متڪلم لاءِ ڪم ايندي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آهي، اترادي لهجي ۾ پڻ ساڳيا فعل 'م' پڇاڙيءَ سان ڪم ايندا آهن. 'س' پڇاڙي معياري لهجي ۾ ضمير غائب واحد لاءِ ڪم اچي ٿي، ان جي جاءِ تي اترادي ۾ 'هنس' پڇاڙي ڪم اچي ٿي."(٩)

## ضميري پڇاڙين: 'م' ۽ 'س' جي وياڪرڻي اکيڙ:

وياڪرڻي اصولن موجب ڇاٽايل ضميري پڇاڙيون، ضمير متڪلم ۽ غائب طور زمان ماضي ۽ مستقبل جي جملن ۾ ڪم آنديون وينديون آهن. جڏهن تہ ساڳيا آواز ضمير متّصل طور پڻ ڪم آندا ويندا آهن. بنهي حالتن جي پاڙ ۾ ويجهڙائپ ضرور آهي، ليڪن وياڪرڻي حيثيت الڳ الڳ بيهي ٿي؛ جيئن:

❑ ضمير متّصل طور استعمال:

✓ سندم/ پٽهم = منهنجو/ منهنجو پيءُ (حرف اضافت سان- واحد صورت ۾)

✓ سندس/ پٽهس = هن جو/ هن جو پيءُ (حرف اضافت سان- واحد صورت ۾)

✓ سندن/ پٽهن = هنن جو/ هنن جو پيءُ (حرف اضافت سان- جمع صورت ۾)

❑ زمان مستقبل جي جملن ۾ ضميري پڇاڙين جو استعمال:

✓ خط لکندُس. (ضمير متڪلِم- واحد- مذڪر - زمان مستقبل)

☑ خط لکندَس. (ضمير متڪلِم- واحد- مؤنث - زمان مستقبل)

✓ خط لکندُم. (ضمير متڪلِم- واحد- مذڪر - زمان مستقبل)

☑ خط لکندَم. (ضمير متڪلِم- واحد- مؤنث - زمان مستقبل)

❑ زمان ماضيءَ جي جملن ۾ ضميري پڇاڙين جو استعمال:

✓ خط ڏنُس. {ضمير غائب- واحد- مذڪر- زمان ماضي. (هن ڏنو)}

☑ خط ڏنَس. {ضمير غائب- واحد- مؤنث- زمان ماضي. (هن ڏنو)}

✓ خط لکيُس. {ضمير غائب- واحد- مذڪر- زمان ماضي. (هن، هن





ڏانهن لکيو)}

☑ خط لکيَس. {ضمير غائب- واحد- مؤنث- زمان ماضي. (هن، هن ڏانهن لکيو)}

✓ خط لکيُن.{ضمير غائب- جمع- مذڪر- زمان ماضي. (هنن، هن ڏانهن لکيو)}

☑ خط لکيَن.{ضمير غائب- جمع- مؤنث- زمان ماضي. (هنن، هن ڏانهن لکيو)}

✓ خط لکيُم. (ضمير متڪلِم- واحد- مذڪر- زمان ماضي)

☑ خط لکيَم. (ضمير متڪلِم- واحد- مؤنث- زمان ماضي)

ڪي اهڙا 'فعل' بہ ملن ٿا، جيڪي ضميري مفهوم نہ ٿا مٽائن، البتہ انهن ۾ مونجهاري جو امڪان آهي:

| لاڙي/ حيدر آبادي | اترادي لهجي موجب |
|---|---|
| مذڪر: شاگرد هيُم. | مذڪر: شاگرد هيُس. |
| مؤنث: شاگردِ/ شاگردياڻي هيَم. | مؤنث: شاگردِ/ شاگدياڻي هيَس. |

ضميري پڇاڙين جي مختصر اڀياس بعد اهو ڏٺو ويو آهي، تہ فعل جي ڪن صورتن ۾ معنوي فرق ٿئي ٿو، ڪن ۾ نہ ٿو ٿئي؛ ان پيچيده مسئلي جي انتهائي مختصر، فعل جي وصف جي بنياد تي، صورتن جي چندچاڻ پيش ڪجي ٿي:

**فعل جي وصف:** *ڪنهن جملي مان ڪم جي هئڻ، ٿيڻ، ڪرڻ، سهڻ ۽ پوڻ جي معنيٰ نڪري ان کي فعل چئجي.*

فعل جي جزن مان ٻن قسمن جا فعل سامهون اچن ٿا:

معاون فعل: هئڻ ۽ ٿيڻ؛

باقاعده فعل: ڪرڻ، سهڻ ۽ پوڻ.

هيٺ ٻوليءَ جي نسبت چند جملا ڏجن ٿا، جن ۾ فاعل کي ڳجهو رکيو ويو آهي، تہ جيئن ضميري پڇاڙيءَ جو تصور ظاهر ٿي سگهي.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## زمان مستقبل موجب:

| فعل | زمان مستقبل، ’س‘ پچاڙي | زمان مستقبل ’م‘ پچاڙي |
|---|---|---|
| هئڻ | مذڪر: سگهارو هوندُس.<br>مؤنث: سگهاري هوندَس.<br>1. هن جو سگهارو هوندو. (ذ)<br>2. مان سگهارو هوندس. (ذ) | مذڪر: سگهارو هوندُم.<br>مؤنث: سگهاري هوندَم.<br>(مان سگهارو هوندس.) |
| ٿيڻ | مذڪر: سوڀارو ٿيندُس.<br>مؤنث: سوڀاري ٿيندَس.<br>1. هو، هن تي سوڀارو ٿيندو. (ذ)<br>2. مان سوڀارو ٿيندس. (ذ) | مذڪر: سوڀارو ٿيندُم.<br>مؤنث: سوڀاري ٿيندَم.<br>(مان سوڀارو ٿيندس.) |
| ڪرڻ | مذڪر: ڪم ڪندُس.<br>مؤنث: ڪم ڪندَس.<br>1. هو، هن جو ڪم ڪندو. (ذ)<br>2. مان ڪم ڪندس. (ذ) | مذڪر: ڪم ڪندُم.<br>مؤنث: ڪم ڪندَم.<br>(مان ڪم ڪندس.) |
| | مذڪر: خط پڙهندُس.<br>مؤنث: خط پڙهندَس.<br>1. هو، هن جو خط پڙهندو. (ذ)<br>2. مان خط پڙهندس. (ذ) | مذڪر: خط پڙهندُم.<br>مؤنث: خط پڙهندَم.<br>(مان خط پڙهندس.) |
| | مذڪر: ڪتابُ ڏسندُس.<br>مؤنث: ڪتابُ ڏندَس.<br>1. هو، هن جو ڪتاب ڏسندو. (ذ)<br>2. مان ڪتاب ڏسندس. (ذ) | مذڪر: ڪتاب ڏسندُم.<br>مؤنث: ڪتاب ڏسندَم.<br>(مان ڪتاب ڏسندس.) |
| | مذڪر: نانگُ ماريندُس.<br>مؤنث: نانگُ ماريندَس.<br>1. هو، هن جو نانگ ماريندس. (ذ)<br>2. مان نانگ ماريندس. (ذ) | مذڪر: نانگ ماريندُم.<br>مؤنث: نانگُ ماريندَم.<br>(مان نانگ ماريندس.) |
| سهڻ | مذڪر: ڪتابُ پڙهائيندُس.<br>مؤنث: ڪتاب پڙهائيندَس.<br>1. هو، هن کي ڪتاب پڙهائيندو. (ذ)<br>2. مان ڪتاب پڙهائيندس. (ذ) | مذڪر: ڪتابُ پڙهائيندُم.<br>مؤنث: ڪتاب پڙهائيندَم.<br>(مان ڪتاب پڙهائيندس.) |
| پوَڻ | مذڪر: مينهُن پوندُس.<br>مؤنث: مينهُن پوَندَس.<br>(هن تي مينهُن پوندو.) | مذڪر: مينهُن پوندُم.<br>مؤنث: مينهُن پوندَم.<br>(مون تي مينهُن پوندو.) |
| | مذڪر: شرم پوندُس.<br>مؤنث: شرم پوندَس.<br>(هن کي شرم پوندو.) | مذڪر: شرم پوندُم.<br>مؤنث: شرم پوندَم.<br>(مون کي شرم پوندو.) |





مٿيان زمان مستقبل جا انتهائي مختصر جملا ’س‘ ۽ ’م‘ پچاڙين سان تقابلي رکيا ويا، جنهن مان اهو واضح ٿيو، تہ فعل جي جزن مان ’پوڻ‘ واري جزي ۾ مذڪوره ضميري پچاڙيون معنوي فرق رکن ٿيون؛ ٻي صورت ۾ زمان مستقبل پٺاندر فعل جا جزا ’هئڻ، ڪرڻ، سهڻ ۽ ٿيڻ‘ ۾ مذڪوره ضميري پچاڙيون ’بدل‘ طور ڪم اچن ٿيون؛ ليڪن انهن ۾ علمي طور مونجهارو پيش ضرور اچي ٿو. جڏهن تہ ’م‘ جي پچاڙيءَ ۾ لچڪ ڪانهي. ان صورت ۾ ضمير متڪلّم لاءِ ڪنهن فعل جي آخر ۾ ’م‘ ضميري پچاڙيءَ جو استعمال ٻوليءَ لاءِ بهتر ڄاڻڻ گهرجي. بهرحال هي ٻوليءَ جو هڪ پيچيده معاملو آهي، جنهن تي باضابطہ طور ڪم ٿيڻ گهرجي.

## زمان ماضي موجب:

| فعل | زمان ماضي، ’س‘ پچاڙي | زمان ماضي، ’م‘ پچاڙي |
|---|---|---|
| هئڻ | مذڪر: سگهارو هيُس.<br>مؤنث: سگهاري هيَس.<br>١. هن جو سگهارو هيو.<br>٢. مان سگهارو هيم. | مذڪر: سگهارو هيُم.<br>مؤنث: سگهاري هيَم.<br>(مان سگهارو هيس.) |
| ٿيڻ | سوڀارو ٿيُس.<br>سوڀاري ٿيَس.<br>١. هن جو (پٽ) سوڀارو ٿيو. (ذ)<br>٢. مان سوڀارو ٿيس. | سوڀارو ٿيُم.<br>سوڀاري ٿيَم.<br>(مان سوڀارو ٿيس.) |
| ڪرڻ | مذڪر: ڪم ڪيُس.<br>مؤنث: ڪم ڪيَس.<br>(هن، هن جو ڪم ڪيو.) | مذڪر: ڪم ڪيُم.<br>مؤنث: ڪم ڪيَم.<br>(مون ڪم ڪيو.) |
| | مذڪر: خط پڙهيُس.<br>مؤنث: خط پڙهيَ.<br>(هن، هن جو خط پڙهايو.) | مذڪر: خط پڙهيُم.<br>مؤنث: خط پڙهيَم.<br>(مون خط پڙهايو.) |
| | مذڪر: ڪتابُ ڏنُس.<br>مؤنث: ڪتابُ ڏنَس.<br>(هن، هن جي ڪتاب کي ڏنو.) | مذڪر: ڪتاب ڏنُم.<br>مؤنث: ڪتاب ڏنَم.<br>(مون ڪتاب ڏنو.) |
| | مذڪر: نانگُ ماريُس.<br>مؤنث: نانگُ ماريَس.<br>(هن، هن جي نانگ کي ماريو.) | مذڪر: نانگ ماريُم.<br>مؤنث: نانگُ ماريَم.<br>(مون نانگ ماريو.) |



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

| | | |
|---|---|---|
| سھڻ | مذڪر: ڪتابُ پڙهايُس.<br>مؤنث: ڪتاب پڙهايَس.<br>(هن، هن کي ڪتاب پڙهايو.) | مذڪر: ڪتابُ پڙهايُم.<br>مؤنث: ڪتاب پڙهايَم.<br>(مون ڪتاب پڙهايو.) |
| پوَڻ | مينهُن پيُس.<br>مينهُن پيَس.<br>(هن تي مينهُن پيو.) | مينهُن پيُم.<br>مينهُن پيَم.<br>(مون تي مينهُن پيو.) |
| | شرم پيُس.<br>شرم پيَس.<br>(هن کي شرم پيو.) | شرم پيُم.<br>شرم پيَم.<br>(مون کي شرم پيو.) |

زمان ماضيءَ موجب، فعل جي ’هئڻ ۽ ٿيڻ‘ واري جزي ۾ ’س‘ ۽ ’م‘ ضميري پڇاڙين سان مونجهارو ضرور ٿئي ٿو، پر ڪو خاص فرق نہ ٿو پوي؛ تنهن هوندي بہ، فعل جي ’ڪرڻ، سھڻ ۽ پوَڻ‘ واري ڀاڱي ۾ ’س‘ ۽ ’م‘ ضميري پڇاڙين ۾ معنوي فرق ظاهر ٿئي ٿو. ان صورت ۾ لهجاتي فرق ۾ ٿيندڙ فرق موجب ’م‘ ۽ ’س‘ جي ضميري پڇاڙين کي صرف هڪٻئي جو بدل ڄاڻائڻ کان پرهيز ڪئي وڃي؛ ڇاڪاڻ تہ ڄاڻايل ضميري پڇاڙيون ترتيبوار ضمير متڪلّم ۽ غائب جي نمائندگي ڪن ٿيون. وچولي لهجي (ساهتي لهجي) پٽاندر مذڪوره ٻئي پڇاڙيون جملن جي نزاڪت سان ڪم آنديون وينديون آهن؛ چند جملا تقابلي رکجن ٿا، جن مان ڪي تہ منجهيل پڻ لڳندا آهن:

| ٻوليءَ جي مزاج مطابق | جملي جي ٻي صورت |
|---|---|
| ٻڪرُ ڪاڙُم. (مون ٻڪرُ ڪاڙو)<br>ٻڪري ڪاڙَم. (مون ٻڪري ڪاڙي) | ٻڪرُ ڪاڙُس. {هن ٻڪر ڪاڙو(منجهيل جملو)}<br>ٻڪري ڪاڙَس. (هن، هن جي ٻڪري ڪاڙي) |
| ٻڪرَ ڪاڙَم. (مون ڪافي ٻڪرَ ڪاڙا)<br>ٻڪريءَ ڪاڙُم. (مون کي ٻڪريءَ چڪُ پاتو) | ٻڪرَ ڪاڙَس. (هن کي هڪ ٻڪرَ چڪُ پاتو)<br>ٻڪريءَ ڪاڙُس. (هن کي ٻڪريءَ چڪُ پاتو) |

مٿين جملن ۾ ’ٻڪرُ ڪاڙُم/ ٻڪرُ ڪاڙُس‘ مان ’ٻڪرُ ڪاڙُم‘ ڪي ئي درست چئي سگهجي ٿو، جڏهن تہ ’ٻڪرُ ڪاڙُس‘ جملو ئي منجهيل آهي. ٻئي خاني جي جملي ۾ ’ٻڪرَ ڪاڙَم/ ٻڪرَ ڪاڙَس‘ مان ٻنهي جملن جي مراد ئي الڳ ٿي وڃي ٿي. آگاهي رهي تہ اهڙي ڇنڊ ڇاڻ جو بنياد وچولي لهجي (ساهتي لهجي) تي رکيو ويو آهي.





## شاه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعريءَ ۾ ضميري پڇاڙين: ’م‘ ۽ ’س‘ جو جائزو:

شاه عبداللطيف ڀٽائي بيشڪ سنڌي ٻوليءَ جو عظيم فڪري شاعر آهي، ان ڳالھ کان انڪار ممڪن ئي ناهي؛ پر لهجي آھر، گھڻي قدر سندس ٻولي لاڙي جڏهن تہ سندس رسالي ۾ مڙني لهجن جي نمائندگي آهي. سندس شاعريءَ ۾ پڻ ’م‘ ۽ ’س‘ پڇاڙين جو جائزو ڏجي ٿو؛ سندس هڪ بيت آهي:

اڳي ايئن هياس، جئن پنهون ڏوتَم ڪپڙا،
هاڻي ايئن ٿياس، جئن جت نہ نينِم پاڻ سين.
(سر حسيني)

ڪوهيارو ڪيٽان، ڪيڻ وڃي، ڪاڏي وڃان،
مون پانيو سيٽان، ڇپر ڪنديَس پنڌڙا.
(سر حسيني)[10]

سسئي سڄيائي سڪَ، تہ پڻ سِڪي سڪ ڪي،
سَڄُئي پيتائين پُنهونءَ ڪي، هَي نہ پڳيَس هڪَ،
ان تڙ منجهان تڪَ، ڏني اُڄ نہ لهي.
(سر آبڙي)

مُتيس جهل مهار، ڪُتيَس ڪاهِ مَ ڪرهو،
مون نماڻيءَ جي نجهري، پيرو ڪر پتار،
ساجن تهان ڏار، ڏنُم ڏينهن قيام جو.
(سر ديسي)[12]

شاه لطيفؒ جا چند بيت خيال خاطر رکيا ويا آهن. سندس بيتن ۾ ’م‘ ۽ ’س‘ پڇاڙين جو استعمال گڏيل طور نوٽ ڪري سگهجي ٿو:

| بيت ۾ ڪم آندل لفظ ۽ انهن جو ڇيد | | |
|---|---|---|
| پهريون بيت | هياس | ’س‘ ضميري پڇاڙي، متڪلم جي صورت ۾ |
| | ڏوتَم | ’م‘ ضميري پڇاڙي، متڪلم جي صورت ۾ |
| | ٿياس | ’س‘ ضميري پڇاڙي، متڪلم جي صورت ۾ |
| | نينِم | ’م‘ ضميري پڇاڙي، متڪلم جي صورت ۾ |



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هن بيت ۾ چار ضميري پڇاڙيون، ٻه ’س‘ ۽ ٻه ’م‘ ڪم آنديون ويون آهن، ليڪن سپنيءَ کي متڪلّم مؤنث طور رکيو ويو آهي.

| | | |
|---|---|---|
| ٻيون بيت | ڪنديَس | ’س‘ضميري پڇاڙي، متڪلم جي صورت ۾ |

لاڙي لهجي موجب، ايئن ئي ڳالهائي ويندي آهي ۽ صورتخطيءَ موجب، مؤنث ۾ ماقبل آخر وٽ ’د‘ تي زبر بجاءِ، ’ي‘ جو اضافو ڪري، ان تي ’زبر‘ ڏني ويندي آهي. جڏهن ته مذڪر جي صورت ۾ ’ڪندَس‘ يعني ’د‘ تي زبر ڪم آندي ويندي آهي.

| | | |
|---|---|---|
| ٽيون بيت | پڳيَس | ’س‘ضميري پڇاڙي، ضمير غائب جي صورت ۾ |

هن بيت ۾ ساڳي پڇاڙي، ضمير غائب مؤنث طور ڪم آندي وئي آهي.

| | | |
|---|---|---|
| چوٿون بيت | مُنيَس | ’س‘ضميري پڇاڙي، متڪلم جي صورت ۾ |
| | ڪُنيَس | ’س‘ضميري پڇاڙي، متڪلم جي صورت ۾ |
| | ڏُنم | ’س‘ضميري پڇاڙي، متڪلم جي صورت ۾ |

هن بيت ۾ ٻه ’س‘ ۽ هڪ ’م‘ ضميري پڇاڙيون ڪم آنديون ويون آهن، پر هتي ٻه ٽنهيءَ ڪان متڪلم مؤنث طور ڪم ورتو ويو آهي. جيتوڻيڪ، ’ڏُنم‘ لفظ ۾ ماقبل آخري وينجن وارو پيش مذڪر ٿيندو آهي، پر هتي مؤنث طور آيل آهي.

شاه سائينءَ جي شاعريءَ تي مختلف شارحن پنهنجي رخن سان ڪم ڪيو آهي، ان لاءِ ڪا حتمي راءِ نه ٿي جوڙي سگهجي؛ پر جڏهن مذڪوره پڇاڙين جو جائزو وٺجي ٿو ته ٻه نڪتا سامهون اچن ٿا:

١. ضميري پڇاڙيون: ’م‘ ۽ ’س‘ ٻنهيءَ جو استعمال ڪيل آهي، جيڪي متڪلّم جي صورت ۾ ڄاڻايل آهي؛

٢. ضميري پڇاڙي: ’س‘ متڪلّم ۽ غائب ٻنهيءَ لاءِ ڪم آندي وئي آهي.

ان مان اهو خيال جڙي ٿو ته شاه سائينءَ جي ٻوليءَ ۾ اترادي توڙي لاڙي ٻنهي لهجن جي نمائندگي ڪيل آهي، البت ’س‘ پڇاڙيءَ کي ٻنهي متڪلّم توڙي غائب ۾ ڪم آڻڻ، معياري لهجي موجب مناسب ناهي؛ پوءِ ان ۾ شارحن جون امڪاني ڪوتاهيون ٿي سگهن ٿيون.





## شيخ اياز جي ’نثر‘ توڙي ’نظم‘ ۾ ضميري پڇاڙين: ’م‘ ۽ ’س‘ جو جائزو:

شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ جڏهن مذڪوره ضميري پڇاڙين جو اڀياس ڪجي ٿو ته، ٻنهيءَ جو استعمال ملي ٿو، اجا به ايئن ڪٿي چئجي ته، سندس تخليق ۾ ضميري پڇاڙيءَ: ’س‘ جو استعمال ڪي قدر وڌيڪ آهي. ان صورت ۾ ايئن چئي سگهجي ٿو ته، شيخ اياز بنيادي طور تي ته اترادي لهجي (Dialect)جو ماڻهو آهي، ليڪن سندس ٻوليءَ تي سنڌي ٻوليءَ جي وڏن لهجن جو اثر رهيو آهي؛ يا ايئن ڪٿي چئجي ته شيخ اياز جي شاعري ٻه مڙني لهجن جي نمائندگي ڪري ٿي. ليڪن اها ڳالهه ضرور آهي ته سندس ٻوليءَ ۾ جتي ’س‘ جي ضميري پڇاڙي ڪم آندي وئي آهي، اتي ’مان‘ ضمير جو استعمال لازمي ڪيو اٿس. جنهن مان اهو واضح ٿئي ٿو ته، شيخ اياز ’س‘ جي ضميري پڇاڙيءَ کي معياري ٻوليءَ موجب ’ضمير متڪلم‘ جي نشانيءَ طور مڃڻ کان احتياط ڪري ٿو. ان بنياد تي اهو ئي نتيجو نڪري ٿو ته، ’م ۽ س‘ ضميري پڇاڙين جي معاملي ۾ شيخ اياز جي شاعريءَ جي ٻولي معيار جي لحاظ کان معياري آهي. هيٺ سندس ڄاڻايل سٽن مان مثال خيال خاطر رکجن ٿا:

’راج گهاٽ تي چنڊ‘ مان هڪ بيت:

اچــين ٿو اوٺارَ، جهُـوڙا سپ جهِمڪن پيا،
تڪي تنهنجا پارَ، ڪاٽيم ڪيڏيون راتڙيون.[١٣]

ٻئي هنڌ هڪ نظم ۾ چيو اٿس:

ڪيڏو ڏُور رهان ٿي، توکان ٻيءَ ڪنهن دنيا ۾،
مان جي هاڻي ايندَس، تو وٽ رهندَس مان ڇا ۾؟[١٤]

چند مثال ’ٽڪرا ٽٽل صليب جا‘ مان:

”مان تنهنجي مُئي کان پوءِ به توسان هوندَس،‘
شاعريءَ مرڪندي چيو، ’تون مون ۾ جيئرو هوندين.“[١٥]

’مان حيدرآباد ۾ هوٽل ’اوريئنٽ‘ ۾ ويٺو هوس، ته هو اوچتو مون ڏانهن آيو ۽ مون کي ڪيڪر ڪري، منهنجي پرسان ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. ڪرسي تي ويهڻ کان اڳ هن نٽ هئسمن جو ڪتاب ’هنگر‘ (بک) ور مان ڪڍي ميز تي رکيو ۽ انهيءَ اداڪار وانگر، جنهن کي پوري ناٽڪ ۾ فقط هڪ ئي جملو چوِڻو هوندو آهي، يڪدم

چيائين، ”اڄ ئي خريد ڪيو اٿم، اڃا پڙهي نہ سگهيو آهيان.“[16]

”مان سنڌيءَ جي چوٿين درجي ۾ پڙهندو هوس، تہ هڪ ڏينهن اسڪول جي هيڊ ماستر سڀني شاگردن کي چيو تہ، جيڪو شاگرد مختلف پکين جا گهٽي ۾ گهڻا پَر ڪٺا ڪري، ڦڙڪي تي چنبڙائي، پَرن هيٺان پکين جا نالا لکي ايندو، ان کي انعام ڏنو ويندو. ان ڪري مان ڪجهہ ڏينهن شڪارپور جا باغ ڇِڪاريندو وتيو هوس ۽ طوطن، ڪبوترن، هيڙهن، هُد هدن، چيهن، ڪاٺ ڪُٽن وغيره جا ڪيئي رنگا رنگ پَر ڪٺا ڪيا هيم. اهي پکي جن جا اهي پَر آهن، پنهنجيون ٻولڙيون ٻولي، ڪيڏانهن اڏامي ويا؟ “[17]

’واٺون ڦلن ڇانئيون‘ مان چند مثال:

هميشه تو سان،

تارن ڀري راتڙي،

هُوندس، هوندس مان.[18]

شيخ اياز جي شاعريءَ مان ضميري پڇاڙين ’م ۽ س‘ جو مختصر جائزو پيش ڪيو ويو، جنهن بنياد تي اهو چئي سگهجي ٿو تہ، اياز ضميري پڇاڙين ۾ ’م ۽ س‘ ٻنهيءَ جو استعمال ڪيو آهي، اهڙي چندچاڻ هيٺ ڏجي ٿي:

| ’م‘ ضميري پڇاڙي متڪلم طور (مان کان سواءِ) | ’س‘ ضميري پڇاڙي متڪلم طور (مان سان گڏ) |
|---|---|
| تڪي تنهنجا پارَ، ڪاٽيم ڪيڏيون راتڙيون. | مان جي هاٽي ايندَس تو وٽ رهندَس مان چا ۾؟ |
| اڄ ئي خريد ڪيو اٿم | ”مان تنهنجي مُئي کان پوءِ بہ تو سان هوندَس، ‘ |
| طوطن، ڪبوترن، هيڙهن، هُد هدن، چيهن، ڪاٺ ڪُٽن وغيره جا ڪيئي رنگا رنگ پَر ڪَٺا ڪيا هيم. | ’مان حيدرآباد ۾ هوٽل ’اوريئنٽ‘ ۾ وينو هوس، |
| ... | مان سنڌيءَ جي چوٿين درجي ۾ پڙهندو هوس، |
| ... | مان ڪجهہ ڏينهن شڪارپور جا باغ ڇِڪاريندو وتيو هوس |
| ... | هُوندس، هوندس مان. |
| ... | اتي مان تو وٽ هوندس، |
| ... | تہ مان ان جي اکرن مان اپري ايندس، |
| ... | مان هير وانگر تنهنجيءَ دريءَ مان تو وٽ ايندس |
| ... | تہ مان طوفان تي ايندس ۽ ان جا تاڪ ٽڪرا ڪري ڇڏيندس، |
| ... | ۽ مان توکي، تنهنجي جيون کي، تنهنجيءَ آتما کي ڏونڌاڙيندس! |





مٿين مثالن مان ’م ۽ س‘ ضميري پڇاڙين جي استعمال جي سطح معلوم ڪري سگهجي ٿي، جنهن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو تہ، شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ ’س‘ ضميري پڇاڙيءَ جو استعمال ’م‘ پڇاڙيءَ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ٿيل آهي، پر جتي ’س‘ پڇاڙيءَ جو استعمال ڪيو ويو آهي، اتي ضمير ’مان‘ جو استعمال ضرور ڄاتو اٿائين؛ ٻي صورت ۾ ’م‘ پڇاڙيءَ جي استعمال ۾ ضمير ’مان/ آءٌ‘ جي ضرورت پيش نہ آئي اٿس.

## ماقبل وينجن جي اعراب مٽائڻ سبب آخري وينجن ساڪن ٿيڻ:

سنڌي ٻوليءَ جي مڙني لهجن کي سامهون رکي، جيڪڏهن ماقبل آخري (Second last) سُرَن جو اڀياس ڪجي، تہ يقيناً مڙئي ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ توڙي ماهر ان ڳالهہ سان اتفاق ڪندا تہ، اهڙي قسم جي سُرن واري لچڪ سنڌي ٻوليءَ جي اصول، مزاج ۽ نفاست لاءِ هاڃيڪار آهي.

اها ڳالهہ مڃيل آهي تہ، سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جو آخري وينجن متحرڪ هوندو آهي؛ ان جو سبب تہ مذڪر- مؤنث، جمع- واحد ۽ فاعلي- مفعولي صورت جي چند اصولن جو مدار آخري ڇوٽي سُر تي آهي. راقم طرفان اهڙو تفصيلي ڪم لئنگويج اٿارٽيءَ پاران ڇپجندڙ ’سنڌي ٻولي‘ جرنل، اپريل- جون ٢٠١١ع ۾ شايع ٿيل آهي. هتي آخري ڇوٽي سُر ۽ ماقبل وينجن جي ڇوٽي سُر جي تبديليءَ جي بنياد تي مذڪر- مؤنث جي اعراب جي تبديلي جو مختصر اڀياس ڪندي ضميري پڇاڙيون: ’م‘ ۽ ’س‘ جي ساڪن هجڻ جو اڀياس مقصود آهي.

## آخري سُر جي بنياد تي، جنسي مذڪر- مؤنث جو هڪٻئي مان جڙڻ جو اڀياس:

عام طور تي سنڌي ٻوليءَ ۾ مذڪر- مؤنث جا ٻہ پاسا (زاويہ) سامهون اچن ٿا:

١. جنسي (animate): جيئن: مردُ- مائي/ هرڻُ- هرڻي، ڏوٻي- ڏوٻڻ/ ڏوٻياڻي، ٻڪڻ- ٻڪياڻي، ڇوڪرو- ڇوڪري، گڏهُ- گڏهِ، ڪُتو- ڪتِي وغيره.

٢. غير جنسي/ صرفي (inanimate): ڪتابُ (سنو ڪتاب)، سليٽَ (منهنجي/ تنهنجي سليٽ)، ڪوڏرِ (مُڏي ڪوڏر)، پيٽِي (سني پيٽِي)،

ڏنڊو (ٽلهو ڏنڊو)، آنا (تازا آنا)، ٻٽُون (هي منهنجو/ تنهنجو ٻٽُون آهي)، ڪٽون (هي منهنجون/ تنهنجون ڪٽُون آهن)، ماٽُهو (هي منهنجو/ تنهنجو ماٽُهو آهي)، اردُو (منهنجي اردو سٺي/ پختي آهي)، رَئو (هي منهنجو/ تنهنجو رئو آهي)، وغيره.

سنڌي ٻوليءَ ۾ جنسي مذڪر- مؤنث جا ٻه ٻه ڍنگ ٿين ٿا، هڪُ: اهي جيڪي هڪبئي ۾، آوازن جي بنياد تي، تبديل نه ٿا ڪري سگهجن، جيئن: ڏاند- ڳئون، ٻيو: اهي جيڪي آخري آوازن جي تبديل سان ڪم آندا وڃن ٿا، جيئن: ٻڪرُ- ٻڪري؛ هت ٻيو ڍنگ مفقود آهي، سو ٻه ان صورت ۾ ته جيئن ان ۾ ماقبل وينجن جي تبديل نوٽ ڪري سگهجي:

- **[اَ] جي تبديل:**

مٿئين جنسي اپياس مان اهو واضح ٿيو ته، ڪنهن اسم جي آخري زبر سان لفظ هميشه مؤنث رهي ٿو؛ ڪوبه لفظ جنسي مذڪر جي صورت ۾ ڪونه ٿو ملي، جيئن: زالَ، رڍَ وغيره.

- **[اِ] جي تبديل:**

مٿئين جنسي اپياس مان اهو واضح ٿيو ته، ڪنهن اسم جي آخري زير سان لفظ اڪثر مؤنث ٿين ٿا؛ البته هڪ- اڌ لفظ مذڪر جي صورت ۾ ملي ٿو، جيئن: سيٺِ.

| [اِ] > [ياڻِي] | |
|---|---|
| مذڪر | مؤنث |
| سيٺِ | سيٺِياڻِي |

لفظ 'سيٺِياڻي' ۾ 'ياڻي' ڳنڍجڻ بعد 'ٺ' جي اعراب ڪونه ٿي مٽجي.

- **[اُ] جي تبديل:**

| [اُ] > [اِ] | | [اُ] > [اِي] | | [اُ] > [اِڻ] | | [اُ] > [اِياڻي] | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| مذڪر | مؤنث | مذڪر | مؤنث | مذڪر | مؤنث | مذڪر | مؤنث |
| ڪُڪُڙُ | ڪُڪِڙِ | جهرڪُ | جهرڪِي | شينهُن | شينهِڻ | فقِيرُ | فقيرياڻي |
| گڏهُ | گڏهِ | هرڻُ | هرڻِي | جٽُ | جٽِڻ | | |





ان اصول ۾ پهرين ماقبل آخري اکر تي 'زير' ڪم آڻي پوءِ مؤنث واري 'زير' يعني ٻِٽي زير، ڪم آندي ويندي آهي، جيئن ڄاڻايل 'ڪُڪُڙُ- ڪُڪِڙِ' يا 'جٽُ- جٽِڻِ' ۾ ڪم آندل اعرابون آهن.

جن کي هيٺئين نموني ورهائي سگهجي ٿو:

| [اُ] > [آ+اِي] | | [اُ] > [ويلِي/ ايلِي] | | [پَٽُ] > [نهارِي] | |
|---|---|---|---|---|---|
| مذڪر | مؤنث | مذڪر | مؤنث | مذڪر | مؤنث |
| گدڙُ | گداڙِي | ڪانءُ | ڪانويلِي | ڳورپٽُ | ڳورنهارِي |
| بگهڙُ | بگهياڙِي/ بگهاڙِي | | | | |

مؤنث بڻائڻ لاءِ [اُ] جي تبديل سان هيٺيون خاصيتون نوٽ ڪيون ويون آهن:

١. 'ڪُڪُڙُ' جو مؤنث بڻائڻ لاءِ آخري ۽ ماقبل آخري ٻنهي آوازن [ڪ] ۽ [ڙ] جي پيشن کي مٽائي زيرون ڪم آنديون وڃن ٿيون؛ جڏهن ته 'گڏهُ' ۾ صرف آخري پيش کي زير سان مٽايو وڃي ٿو؛

٢. 'جهرڪُ' جو مؤنث بڻائڻ لاءِ آخري پيش مٽائي، [اِي] جو اضافو ڪيو وڃي ٿو؛

٣. 'شينهُن' جو مؤنث بڻائڻ لاءِ [هُن] آواز کي زير ۾ مٽائي، [ڻ] جو اضافو ڪيو وڃي ٿو، جڏهن ته [هُن] جي ڳهُٽائپ [ڻ] ۾ سمائجي وڃي ٿي. ياد رهي ته ڳهُٽي وينجن ۾ ڳهُٽائپ جو گهٽو زور اڳيان هوندو آهي.

٤. 'فقيرُ' جو مؤنث بڻائڻ لاءِ آخري پيش کي زير ۾ مٽائي، [ياڻي] جو اضافو ڪيو وڃي ٿو.

٥. گدڙُ- گداڙِيءَ وارا لفظ [اُ] > [اِي] واري گروهه ۾ ئي آڻي سگهجن ٿا، صرف ان جي ماقبل آخري (Second last) سُر 'اَ' کي 'آ' سان مٽائبو آهي.

٦. ڪانءُ- ڪانويلِي به [اُ] > [اِي] واري گروهه ۾ شامل ڪري سگهجن ٿا، ليڪن ان جي وچ ۾ 'ويلِي' (اُ > و + ايلِي) جي اچار جو اضافو ٿئي ٿو. 'اُ/ ءُ' جو 'وَ' 'متحرڪ وينجن' ۾ تبديل ٿيڻ واري خاصيت به سنڌي ٻوليءَ ۾ نوٽ ڪئي آهي؛ جيئن: ڪانءُ- ڪانوَ.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

نوٽ: سنڌي ٻوليءَ جي نسبت اها ڳالهه بہ نوٽ ڪئي وئي آهي تہ هڪ لفظ ساڳئي وقت ٻن اصولن يعني آخري آوازن[اُ يا او] وارن اصولن ۾ بہ سمائجن ٿا؛ جيئن: ڇوڪرُ - ڇوڪرِ ۽ ڇوڪرو- ڇوڪرِي.

- [آ] جي تبديل:

مٿئين غير جنسي اڀياس مان اهو واضح ٿيو تہ، ڪنهن اسم جي آخري [آ] آواز سان لفظ اڪثر مؤنث ٿين ٿا؛ البتہ چند لفظ مذڪر جي صورت ۾ بہ ڪم اچن ٿا، جيئن: خدا، راجا، ديوتا وغيره.

ان صورت ۾ اهڙا لفظ ڪونہ ٿا ملن، جن جا مذڪر ۽ مؤنث هڪٻئي جي آخري آواز تبديل ڪرڻ سان جڙندا هجن؛ جيئن: ’بلا‘ جو مذڪر ’نانگ‘ الڳ لفظ جي صورت ۾ ڪم اچي ٿو.

- [اي] جي تبديل:

هن آواز سان ڪي مذڪر يا مؤنث لفظ ڪونہ ٿا ملن، البتہ جملي جي جوڙجڪ ۾ اهڙو آواز ڪم اچي ٿو، جيئن: ڇوڪري (مذڪر) راند ڪِئي.

- [اِي] جي تبديل:

| [اِي] > [آڻِي] | |
|---|---|
| ڪتِي | ڪتياڻِي |
| ڌوٻِي | ڌوٻياڻي |

| [اِي] > [اڻِ] ۾ تبديل | |
|---|---|
| ڌوٻِي | ڌوٻِڻ |
| هاٿِي | هاٿِڻ |

ڪورِي- ڪورياڻِي، درزِي- درزياڻِي/ درزِڻ وغيره ان جا مثال آهن.

- [اَي] جي تبديل:

| آواز | مؤنث |
|---|---|
| هن آواز جي خاتمي سان جنسي مذڪر يا مؤنث لفظ ڪونہ ٿا ملن. | |

- [او] جي تبديل:

| [او] > [اِي] | |
|---|---|
| گهوڙو | گهوڙِي |
| راٽو | راٽِي |

| [او] > [ياڻِي] | |
|---|---|
| مُلو | مُلياڻي |





ڇوڪرو- ڇوڪرِي، ڇيلو- ڇيلي وغيره ان جا مثال آهن.

- [اُو] جي تبديل:

| [اُو] > [واڻِي/ ياڻِي] | |
|---|---|
| هندُو | هندواڻي/ هندياڻِي |

- [اَو] جي تبديل:

| آواز | مؤنث |
|---|---|
| هن آواز جي خاتمي سان جنسي مذڪر يا مؤنث لفظ ڪونہ ٿا ملن. | |

## جنسي مذڪر- مؤنث ۾ ماقبل آخري وينجن تي سُر جي اهميت:

اڪثر ٻولين ۾ ماقبل آخري (Second last) اکر جي سُر آواز کي وياڪرڻ ۾ اهميت ڏني ويندي آهي؛ ليڪن انهن جو آخري وينجن ساڪن ئي بيهندو آهي. سنڌي ٻوليءَ جو آخري وينجن متحرڪ هجڻ سبب ماقبل آخري (Second last) وينجن جي سُر آواز تي ڪو خاطرخواه ڪم سامهون نہ ٿو اچي، ان جي سببن ۾ وچولي لهجي کي نظر انداز ڪرڻ ۽ لاڙي لهجي جي اثر هيٺ هوندڙ حيدر آبادي لهجي کي ٻوليءَ جو معياري لهجي جو شرف حاصل هجڻ آهي. هيٺ مختصر ٻن جملن جي ڇنڊڇاڻ ڪجي ٿي:

- مان خط لکندُس/ مان پڙهي سگهندُس. (مذڪر صورت ۾)
- مان خط لکندَس/ مان پڙهي سگهندَس. (مؤنث صورت ۾)

حيدرآباد جي ڪافي مذڪر ماڻهن واتان مؤنث صورت ۾ ماقبل آخري (Second last) سُرُ ’زبر‘ سان ٻُڌو ويو آهي. ڪافي اسٽيج تي يا سنڌي ٽي. وي چينلن تي، مذڪر صورت ۾، اهو انداز ٻڌو ويو آهي تہ: ”هاڻي آءٌ ----------ڪي، پنهنجي خيالن جي اظهار لاءِ اسٽيج تي اچڻ جي دعوت ڏيندَس!“ يا ”آئُون قوم کي عرض ڪندَس تہ هو هن ڏهاڙي کي ڀرپور نموني ملهائڻ لاءِ يڪجا ٿين!“ وغيره؛ جڏهن تہ مؤنث جي صورت ۾ ’دَ‘ بجاءِ cluster of sound ’ديَ‘، ’س‘ کان اڳ لڳائي ويندي آهي. ياد رهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ’ر‘ ۽ ’ي‘ اهڙا نرالا آواز آهن، جيڪي ڪنهن بہ اڳئين آواز کي ساڪن جي صورت ۾ پاڻ سان ڪٽندا آهن؛ اهڙو تصور ڊاڪٽر الانا صاحب بہ ڄاڻايو آهي.[٢٠]



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سنڌي ٻوليءَ جي مڙني لهجن کي سامهون رکي، جيڪڏهن ماقبل آخري (Second last) سُرن جو اڀياس ڪجي ته، يقيناً مڙئي ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ توڙي ماهر ان ڳالهه سان اتفاق ڪندا ته. اهڙي قسم جي سُرن واري لچڪ ٻوليءَ جي مزاج ۽ نفاست لاءِ هاڃيڪار آهي. ان صورت ۾ حيدرآبادي ٻوليءَ کي معياري لهجي ۾ شمار ڪرڻ هڪ- هٿي آهي.

ستر واري ڏهاڪي ۾ ريڊيو پاڪستان تان 'آیئے سندھی سیکھیں' جو پروگرام هلايوويو، تازو ان کي ڊاڪٽر فهميده حسين صاحبہ ڪتابي صورت ۾ آندو آهي، جنهن ۾ مذڪر مؤنث جي حوالي سان 'آخري' يا 'ماقبل آخري سُر' جي صورتخطي حيدرآبادي/لاڙي اثر سبب ٻوليءَ جي مزاج مطابق ناهي.

ياد رهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ ضميري پڇاڙيءَ وارو حرف 'س' ساڪن رهندو آهي، ان ڪان اڳ وارو وينجن آواز مذڪر-مؤنث مطابق هوندو آهي هيٺ 'ماقبل آخر' ۽ 'آخري سُر' ڏانهن بي حسي جا مثال پيش ڪجن ٿا:

"پچھلے سبق میں ہم نے آپ کو زمانہ مستقبل میں کچھ الفاظ بنانا سکھائے تھے جو کہ مکمل جملے کی صورت رکھتے ہیں، اور ان میں ضمیری نشانیوں کا استعمال ہوتا ہے۔ ان میں سے چند الفاظ میں دہراتی ہوں:

چوندُس- میں کہوں گا۔"(۲۱)

اها ڳالهه مڃيل آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي مزاج ۾ هر لفظ جو آخري سُر متحرڪ ٿيندو آهي، ليڪن ضميري پڇاڙين جي صورت ۾، آخري وينجن جي ساڪن هجڻ واري امڪان کي به رد نه ٿو ڪري سگهجي؛ ڇاڪاڻ ته سنڌي ٻوليءَ ۾ ضميري پڇاڙين جي صورت ۾ 'ماقبل آخر' سُر تي ئي مذڪر- مؤنث جو دارومدار هوندو آهي، جنهن جو مٿي ذڪر ٿيل آهي.

ڄاڻايل جملي جي صورت ۾ هيئن ئي درست ٿيندو:

- چوندُس (مذڪر صورت ۾، ماقبل آخر تي پيش)
- چوندَس (مؤنث صورت ۾، ماقبل آخر تي زبر)

ٻئي هنڌ ڄاڻايل آهي:

| مذکر | مؤنث |
|---|---|
| آئیسُ | میں آیا |

| مذکر | مؤنث |
|---|---|
| آئیسَ | میں آئی |

(۲۲)





مذڪوره لفظ 'آيسُ' ۽ 'آيسَ' مبادا پروف جي غلطي هجي، پر جيئن ته سنڌي ٻوليءَ جي عالمن اهو طئي ڪري ڇڏيو آهي ته 'سنڌي ٻوليءَ جي هر لفظ جو آخري وينجن متحرڪ ٿيندو آهي' ان سبب حيدرآبادي عالمن وٽ 'ماقبل آخر' (Second last) وينجن جي، سُر تي دارومدار هجڻ جو تصور ئي ڪونهي. هيٺ اهڙا 'آیئے سندھی سیکھیں' مان چند مثال خيال خاطر آڏو رکجن ٿا:

| اردو | سنڌي | خط نسخ ۾ الٿو |
|---|---|---|
| میں آیا۔ | ماں آئیُس۔ | مان آيسُ. |
| میں گیا۔ | ماں وییُس۔ | مان ويُسُ. |
| میں دوڑا۔ | ماں ڈوڑیُس۔ | مان ڊوڙيُسُ. |

(۲۳)

ڄاڻايل سنڌي فعلن ۾، مذڪر صورت سان، آخري ۽ ماقبل آخري (Second last) وينجن 'پيش' سان متحرڪ ڏيکاريا ويا آهن، ان حالت ۾ سوال اهو ٿو اڀري ته:

- ڇا مؤنث صورت ۾ ٻوليءَ جي مزاج مطابق آخري سُر کي زبر ۾ تبديل ڪيو ويندو؟

ان حالت ۾ ڊاڪٽر فهميده حسين جي ڄاڻايل لفظ پٽاندر ان جي مؤنث صورت 'مان ويُسَ' بيهندي! جيڪا ٻوليءَ جي اصول (آخري وينجن متحرڪ) سان به ٺهڪي ٿي ۽ جعلي به آهي.

مسٽر دلامل بولچند جي ڪتاب 'A manual of Sindhi' ۾ ماقبل وينجن تي اعراب جو احتياط ڪيو ويو آهي، جنهن کي واجب العزت محمد ابراهيم جوئي سڌاريو سنواريو هو: مثلاً:

| مذڪر | مؤنث |
|---|---|
| ماريو وِيُس. | ماري وِيَس. |

(۲۴)

اصل ۾، مذڪوره آخري وينجن ساڪن ٿيندو، البته ماقبل آخر وينجن جو سُر مؤنث- مذڪر سبب تبديل ٿيندو، جيئن:

✓ مان آيُس (مذڪر صورت ۾ ماقبل آخر 'ي' تي پيش)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

✓ مان آيَس (مؤنث صورت ۾ ماقبل آخر ’ي‘ تي زبر)

ماقبل وينجن جي اعراب جو اهڙو احتياط مرحوم محبت ٻرڙي جي ڪيل ڪم ۾ بہ ڏسڻ ۾ آيو آهي. هو لکي ٿو تہ: ”ضميري پڇاڙي: متڪلم هيڪل نر يا نار، فاعل ’مون‘ جي بدران ’---- اُم‘ ۽ ’--- اَم‘ ڪم اچي ٿي. ضميري پڇاڙي: ضمير غائب، هيڪل، نر يا نار- فاعل ’هِن/ هُن‘ جي بدران ’--- اُس‘ ۽ ’--- اَس‘ ڪم اچي ٿي.“(٢٥)

ڊاڪٽر فهميده حسين صاحب جي چاٽايل مثالن مان اهو اخذ ٿئي ٿو تہ ’آخري وينجن متحرڪ‘ رکڻ جي چڪر ۾ چوٿن سُرن جي اعراب جون صورتون جعلي ڏنيون ويون آهن. ڊاڪٽر قاسم ٻگهيي صاحب جي تحقيق موجب بہ اهو ئي نتيجو اخذ ڪيو ويو آهي تہ، حيدرآبادي لهجي ۾ ’آخري چوٿو سُر‘ حذف ڪيو ويندو آهي. اصل ۾ اهو مسئلو حيدرآبادي لهجي جو آهي، جنهن ۾ آخري يا ماقبل آخري سُر ڏانهن بي حسي آهي؛ پوءِ ڪڏهن زبر جي بدران پيش، تہ ڪڏهن پيش بدران زير جو استعمال گهڻو محسوس ڪيو ويو آهي.

## حاصل مطلب/ وضاحت:

**حاصل مطلب:** سنڌي ٻوليءَ جي مٿين مثالن ۽ لهجاتي فرق جي نسبت اهو واضح ٿيو تہ معياري لهجي (Standard Dialect) موجب ’م‘ متڪلم ۽ ’س‘ غائب ضمير طور ڪم آڻڻ گهرجي، اهڙي راءِ ڊاڪٽر ٽرمپ ۽ ڊاڪٽر هدايت پريم جي حوالن مان بہ واضح ملي ٿي؛ ليڪن جتي ’ضمير متڪلم‘ طور ’س‘ جو استعمال ٿئي ٿو، ان هنڌ ٻوليءَ جي نسبت مونجهارو سامهون اچي ٿو. جنهن صورت ۾ شاهہ لطيف ۽ شيخ اياز جي ٻوليءَ جي جاچ ڪجي ٿي تہ شاهہ لطيف وٽ مذڪوره ضميري پڇاڙيون بغير ڪنهن تفريق جي ڪم آندل آهن. جنهن مان اهو ئي خيال جڙي ٿو تہ لطيف سائينءَ ٻنهي وڏن لهجن جي ٻوليءَ کي ڪم آندو آهي؛ البتہ ٻنهي ضميري پڇاڙين جو استعمال ساڳي نسبت سان پيش ڪرڻ ڪارڻ جهول سامهون اچي ٿي، ان لاءِ شارحن کي ان تي ڪم ڪرڻ جي گهرج آهي. ٻئي پاسي شيخ اياز جي ٻوليءَ ۾ مذڪوره پڇاڙين جو باضابط احتياط ڪيل آهي.

اها ڳالهہ نوٽ ڪئي وئي آهي تہ مذڪوره ضميري پڇاڙين مان ’م‘ متڪلم





جو استعمال پختيءَ طرح فاعل کي واضح ڪري ٿو. جنهن صورت ۾ هڪ لفظ بہ جملي جي صورت ۾ بيهي ٿو جيئن: ’لکيُم‘ (مون ڪجھ لکيو). ليڪن جڏهن هڪ لفظ ’لکيُس‘ چئبو يا لکبو تہ مراد ٿيندي: ’هُن، هن ڏانهن ڪجھ لکيو‘. جنهن صورت ۾ ’لکيُس‘ کان متڪلم وارو ڪم وٺڻو آهي، ان صورت ۾ ’مون لکيُس‘ (مون، هن ڏانهن ڪجھ لکيو) جو استعمال ڪرڻو پوندو. جنهن مان واضح ٿئي ٿو تہ ’س‘ ضمير غائب جي پڇاڙي آهي.

اهڙي صورت ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي جي هيءَ راءِ، بغير ڪنهن جملي جي، وچولي (ساهتي) لهجي آهر، مناسب نہ ٿي رهي تہ: ”روزاني ڳالهہ ٻولهہ ۾ مون گهٽيئي دفعا مَردن جي واتان ٻڌو آهي: ويندَم، چوندَم، ڪندَم. اتي درست روپ آهي ويندُس، چوَندُس، ڪندُس. ......“(٢٦)

**وضاحت:** ڊاڪٽر جيتلي جي نوٽنگ ۽ راءِ تي حيدرآبادي/ لاڙي لهجي جو اثر آهي. صاحب موصوف تاريخي، علمي ۽ ادبي لحاظ کان سنڌ جي وچولي/ ساهتي جي احاطي کان واقف ناهي؛ حالانڪ تاريخي لحاظ کان ساهتيءَ جي حيثيت کان بيشڪ واقف آهي. اهڙو خيال سندس هن راءِ مان جڙي ٿو تہ: ”لهجن جي تفاوت جي باوجود، سنڌ جا سڀيئي سنڌي هڪٻئي کي سمجهي سگهن ٿا. انهيءَ جو مکيہ سبب آهي تعليم ۽ ادب ۾ معياري سنڌي ٻوليءَ جو استعمال. اهو لهجو اُهو آهي، جيڪو ساهتي (سيوهڻ، پريا، نواب شاهہ ۽ ان جي آسپاس) ايراضيءَ ۾ ڪتب اچي ٿو. انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ تعليم کاتي وارن جيڪي درسي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپايا، انهن جا لکندڙ گهڻي ڀاڱي ساهتيءَ جا هئا. اهو ئي مکيہ سبب آهي، جو انهيءَ علائقي جي سنڌي ٻوليءَ کي معياري ليکي ان جو استعمال ادبي لکڻين ۽ سرڪاري انتظام ۾ پڻ ٿيڻ لڳو. انهيءَ ڪري چاهي ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ علائقائي لهجن جو تفاوت آهي، پر ادبي لکڻين ۾ سڀئي سنڌي اديب ان معياري ٻوليءَ جو استعمال ڪن ٿا، پوءِ چاهي هو سنڌ جي جدا جدا حصن ۾ ڄاوا نپنا هجن.“(٢٧)

ڊاڪٽر جيتلي، تاريخي لحاظ کان ساهتي پرڳڻي جي ٻوليءَ کي معياري لهجو بيشڪ سمجهي ٿو، ليڪن ان جي احاطي کان ان سبب واقف ناهي، جو هن جو جن عالمن سان واهپو آهي. انهن ساهتيءَ کي چڪي حيدرآباد سان ملائي ڇڏيو آهي. ٻيو تہ ٺهيو، خود هتان جي عالمن کي بہ ساهتيءَ جي احاطي جو پتو ناهي؛ مورو، جتان اتر ڏانهن،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ساهتي پرڳڻو شروع ٿئي ٿو. ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ ان کي اترادي ٻوليءَ جو منڍيو ڪوٺي ٿو. صاحب موصوف 'لاڙي ۽ اترادي لهجن جو تقابلي جائزو' عنوان ۾ سنڌ جون خود ساخته لهجاتي حدون ٻڌايون آهن. هو صاحب لکي ٿو ته: ”سنڌ جي لساني جاگرافيءَ جا ٻه اهم حصا آهن: ١. لاڙ ٢. اتر. باقي ٿر، وچولو ۽ ڪوهستان انهن ئي ٻنهي حصن سان لاڳاپيل آهن ... لاڙ جو خطو ٽنڊي محمد خان کان شروع ٿي ٺٽي تائين، بدين کان ڪاري چاڻ تائين ڊنگ ڪري ٿو ... ٽنڊي محمد خان کان پوءِ وچولي جون حدون شروع ٿين ٿيون. حيدرآباد، مٽياري، هالا، ميرپورخاص ۽ سانگهڙ تائين وچولي جون حدون آهن ... دادو کان جيڪب آباد، ٺل تائين ۽ هيڏانهن وري موري کان سکر تائين اتر جون حدون آهن. لسانيات جا ماهر سڀ سيڪڙو حدبنديءَ تي اتفاق نٿا ڪن. حدبنديءَ بابت هر ڪنهن جو پنهنجو خيال آهي.“(٢٨)

حالانڪ ساهتيءَ جي احاطي ۾ موجوده نوابشاهه ۽ ان جو پر پاسو به ڪونه ٿو اچي. ساهتي پرڳڻو موجوده ضلعي نوشهروفيروز (مورو، نوشهروفيروز، پڊيا، ڪنڊيارو ۽ محراب پور تعلقا) ۽ ان جي محدود آسپاس کي چئي سگهجي ٿو.

معياري لهجي موجب 'م' ۽ 'س' ضميري پڇاڙين تي ڊاڪٽر ٽرمپ ۽ ڊاڪٽر هدايت پريم جو ڪم مناسب ٽيل آهي. ٻئي پاسي اها هڪ حقيقت آهي ته 'م' ۽ 'س' جون ضميري پڇاڙيون اترادي ۽ لاڙي لهجي ۾ بدل پڇاڙين طور ڪم اچن ٿيون، جن جو اشارو ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ ڏنو آهي.

## حوالا


١. جيٽلي، مرليڌر، ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻوليءَ جون وياڪرڻي خاصيتون ۽ ڳنڍيل ضمير'، ڪارونجهر، تحقيقي جرنل- جون ٢٠١٤ع، ص: ٣٠.

٢. جوکيو، الطاف حسين، 'سنڌي ٻوليءَ جي لفظن ۾ آخري ۽ آخريءَ کان اڳ وينجن جي سُر ۽ آخري وينجن جي ساڪن هئڻ جو تصور'، سنڌي ٻولي، تحقيقي جرنل- اپريل-جولاءِ ٢٠١١ع.

٣. جيٽلي، مرليڌر، ڊاڪٽر، 'ڀارت ۾ ميڊيا جي سنڌي ٻولي'، سنڌي ٻولي، تحقيقي جرنل- جولاءِ - سيپٽمبر ٢٠٠٩ع- ص: ٣٠.

٤. ساڳيو، ص: ٢٩- ٣٠.

٥. جيٽلي، مرليڌر، ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻوليءَ جون وياڪرڻي خاصيتون ۽ ڳنڍيل ضمير'، ڪارونجهر، تحقيقي جرنل، جون ٢٠١٤ع، ص: ٣٠.

٦. حوالو ساڳيو، ص: ١٤.







٧. جوکيو، محبوب علي، 'مهراڻ سنڌي گرامر' سنڌي ساهت گهر محراب پور، ١٩٧٩ع، ص: ١٤- ١٥.

٨. ٽرمپ، ارنيسٽ، ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻوليءَ جو گرامر'، ترجمو: ڊاڪٽر امجد سراج ميمڻ، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، ٢٠١١ع، ص: ١٦٣.

٩. هدايت پريم، ڊاڪٽر، 'اترادي ٻولي'، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، ١٩٩٥ع، ص:٥٣- ٥٤.

١٠. قاضي، آءِ. آءِ. علامه، 'شاهه جو رسالو' سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ١٩٩٣ع، ص: ٥٦٨.

١١. شيخ، ٻانهون خان، 'شاهه جو رسالو'، جلد ٻيو، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڇاپو ٻيو، آڪٽوبر ٢٠١٢ع، ص: ٨.

١٢. ساڳيو، ص: ١٢٥.

١٣. شيخ اياز- 'راڄ گهاٽ تي چنڊ' (شاعري)، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، ١٩٨٧ع، ص: ١٣.

١٤. حوالو ساڳيو، ص: ١٧٩.

١٥. شيخ اياز، 'ٽڪرا ٽٽل صليب جا ۽ واٽون ڦلن ڇانئيون' (شاعري)، نيو فيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، ١٩٩١ع، ص: ٢٣.

١٦. حوالو ساڳيو، ص: ٢٤.

١٧. حوالو ساڳيو، ص: ٣٧.

١٨. حوالو ساڳيو، ص: ١٧٣.

١٩. جوکيو، الطاف حسين، 'سنڌي ٻوليءَ جي لفظن ۾ آخري ۽ آخريءَ کان اڳ وينجن جي سُر ۽ آخري وينجن جي ساڪن هئڻ جو تصور'، سنڌي ٻولي، تحقيقي جرنل- اپريل-جولاءِ ٢٠١١ع، ص: ٥٠.

٢٠. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، 'سنڌي صورتخطي'، سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد، ١٩٩٣ع، ص: ١٤٣- ١٤٤.

٢١. حوالو ۽ صفحو ساڳيو.

٢٢. حوالو ساڳيو، ص: ١٢٨.

23. Bulchand, Dulamal, 'A manual of Sindhi', Sindhi Language Authority, Hyderabad. 2003, P: 129.

٢٤. محبت ٻرڙو، 'اچو ته پنهنجي سنڌي لکت سنواريون'، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ٢٠٠٠ع، ص: ٦٧ ۽ ٦٨.

٢٥. جيٽلي، مرليڌر، ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻوليءَ جون وياڪرڻي خاصيتون ۽ ڳنڍيل ضمير'، ڪارونجهر، تحقيقي جرنل، جون ٢٠١٤ع، ص: ٣٠.

٢٦. جيٽلي، مرليڌر، ڊاڪٽر، 'ٻوليءَ جو سرشتو ۽ لکاوٽ'، اکل ڀارتيه سنڌي ساهتيه دهلي، ١٩٩٩ع. ص: ٤٦- ٤٧.

٢٧. ميمڻ، غفور، ڊاڪٽر، 'سنڌي ٻوليءَ جي لاڙي ۽ اترادي لهجن جو تقابلي جائزو'، ٽماهي مهراڻ، جنوري- جون ٢٠١١ع، ص: ١٧٤.




Shah Abdul Latif Bhitai Chair